ناٽڪ - ۴

# اَڪبر جي دربار جو رتن بيربل



**ڪردار :**

(۱) بادشاه اَڪبر

(۲) بيربل

(۳) وزير - ۱

(۴) سپاهي

(۵) وڏو آواز ڪندڙ سپاهي

(۶) هيموءَ ماءُ

(۷) طوطو سنڀاليندڙ سپاهي

(۸) ودوان

(۹) سنت

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad-382340. India. Tele. (079)22805454


(آستان : راجا اَڪبر جي راڄ دربار.

سامهون هڪ شاهي سنگهاسن رکيل آهي، وچ تي هڪ وڏو ۽ سندر ڪالين (غاليچو) وڇايل آهي ۽ ٻنهي طرفن کان آمهون سامهون وزيرن جي وهڻ لاءِ شاهي آسن رکيل آهن ۽ آخر ۾ بينن سيني ۽ عام جنتا جي وهڻ لاءِ ڪرسيون رکيل آهن. دربار جي مکيه دروازي وٽ ٻه سپاهي هٿن ۾ تلوارون جهلي بيٺل نظر اَچن ٿا. وزيرن ۽ سپاهين جي چهل پهل آهي، ڪي ويٺل آهن ته ڪي اَچي رهيا آهن. اوچتو هڪ سپاهي وڏي آواز ۾ رڙ ڪري ٿو.)

سپاهي : (وڏي آواز ۾) هوشيار.... خبردار.... هند جا عالم آرا.... شهنشاهه.... بادشاهه اَڪبر خان.... پڌارجي رهيا آهن.... هوشيار.... خبردار....
(بادشاهه اَڪبر دربار ۾ داخل ٿئي ٿو، سڀ وزير ۽ سپاهي پنهنجين جڳهين تي اُٿي بيهن ٿا ۽ گڏيل آواز ۾ چونتا.)

گڏيل آواز : شهنشاهه اَڪبر جي جئه، اَڪبر بادشاهه زندهه‌آباد.... (ٻه ٽي دفعا چون ٿا)

اَڪبر : (آسن تي وهندي) واهه! واهه! سڀ پنهنجي آستان تي براجمان ٿيو.

سڀ : (وڏي آواز ۾) بادشاهه سلامت.... زندهه‌آباد....
(سڀ پنهنجي-پنهنجي آستان تي وهن ٿا)

وزير-1 : حضوري آلا، جهان پناهه، بادشاهه اَڪبر سدا سلامت رهي، بادشاهه اَڪبر جي جئه. بادشاهه سلامت،اَڄ اَسان جي راڄ دربار ۾، ڪجهه پڙوسي راجين جا مهمان، وزير وغيره آيل آهن، ڪن ڪي توهان سان ملڻو آهي ته ڪن ڪي سوال پڇڻا آهن.

اَڪبر : ضرور ملبو.... ضرور ملبو.... ۽ اُنهن جي سوالن جو جواب پڻ ڏبو.

وزير-1 : ڪجهه ٻيا چِترُ ماڻهو پڻ آيل آهن، ته ڪي نگر جا ماڻهو اِنصاف وٺڻ لاءِ حاضر آهن.... حضور جن جي آگيا هجي ته....

اَڪبر : پر، اَسان جو پيارو.... بيربل ڪٿي آهي؟

وزير-1 : حضور! بيربل.... اَڄ اَجا.... پڌاريا نه آهن.

اَڪبر : سڀ کان پهرين بيربل کي دربار ۾ گهرايو وڃي.

وزير-1 : حضور جن جي آگيا جو پالن ٿيندو.
(اُن ئي وقت، بيربل سهڪندو-سهڪندو دربار ۾ اَچي ٿو)

بيربل : جهان پناهه، حضوري آلا، شهنشاهه اَڪبر جي جئه.... بيربل حاضر آهي، جهان پناهه.....

اَڪبر : ڇا ڳالهه آهي بيربل، اَڄ هيترو دير سان؟

بيربل : گستاخي معاف حضور....دير ٿي ويئي.

اَڪبر : پر، دير ٿيڻ جو ڪو ته ڪارڻ هوندو نه؟

بيربل : جي حضور....

اَڪبر : ڇا، اَسان اِهو ڪارڻ ڄاڻي سگهون ٿا؟

بيربل : بلڪل حضور! توهان کي ته پورو حق آهي.

اَڪبر : ته پوءِ جلد ٻڌاءِ نه!

بيربل : حضور! جيئن ئي مان، گهران نڪتس ٿي، ته هڪ اِستري ۽ اُن جي ننڍي نينگري، اَچي سامهون بيٺيون. اُها عورت زار-زار روئي پيئي. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين ته اُن جو هڪ ئي سڪيلڌو پٽ، حضور جي دربار جو هڪ بهادر سپاهي هو ۽ لڙندي لڙندي شهيد ٿيو.

اَڪبر : ته اِن ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه؟

بيربل : جهان پناهه! اُن جي گهر ۾، هينئر روزي روٽي آڻڻ وارو ڪوبه نه آهي، کائڻ پيئڻ جي تڪليف آهي، گهر ۾ اَن جو داڻو به ڪونه آهي....

اَڪبر : پوءِ، تو ڇا ڪيو؟

بيربل : مون هن کي چيو، ”اَسان جو شنشاهه، بادشاهه اَڪبر، تمام گهڻو ديالو آهي، رحمدل آهي، داني آهي، تون بادشاهه وٽ اَچ، هو تنهنجي مدد ضرور ڪندو.“

اَڪبر : بلڪل صحيح ڪم ڪيو، تو بيربل!

بيربل : اَڄا اُها عورت وئي مس، ته هڪ ٻيو دکايل اَچي پيرن تي ڪريو....

اَڪبر : اُهو وري ڪير بيربل؟

بيربل : اِها ڳالهه مان توهان کي پوءِ تو ٻڌايان، پهريون.... توهان ٻڌايو، ڇا توهان کي ياد آهي، ته هڪ سنت مهاتما، توهان کي هڪ طوطو سوغات ۾ ڏنو هو....؟

اَڪبر : ها.... ها.... ياد آهي!

بيربل : سچ پچ، جهان پناهه، اِهو طوطو به اُن ئي مهاتما وانگر، هڪ پويتر آتما آهي!

اَڪبر : پويتر آتما! (مذاقي نوع ۾ کلندي) طوطو ۽ پويتر آتما!

بيربل : مان سچ ٿو چوان جهان پناهه! مان پاڻ اُن کي، هينئر ڏسي پيو ٿو اَچان.... توهان ويچاري به نه سگهندوَ ته هو ڇا پيو ڪري؟!

اَڪبر : (کلندي-کلندي) ڇا پيو ڪري! آرام سان ساوا مرچ کائيندو هوندو....

بيربل : نه حضور.... نه.... اُهو ته سماڌي لڳائي ويٺو هو! اِن جون اکيون بند هيون.... آڪاش طرف منهن ڪري ساڌنا ڪري رهيو هو....!

اَڪبر : بيربل تون مذاق ٿو ڪرين.

بيربل : جهان پناهه، توهان پاڻ، پنهنجي اکين سان ڏسي سگهو ٿا....

اَڪبر : سچ پچ.... هاڻ ته ڏسڻو ئي پوندو!

بيربل : بادشاهه سلامت، توهان جنهن سپاهيءَ کي طوطو سنڀالڻ لاءِ ڏنو هو، مان اُن کي ساڻ وٺي آيو آهيان.

اَڪبر : اَڇا! ته هو ڪٿي آهي؟

بيربل : ها حضور، هو ٻاهر اِنصاف ڪکش ۾ ويٺو آهي ۽ طوطي کي به ساڻ کڻي آيو آهي، بس اُن کي سڏ ڪرايو وڃي....

اَڪبر : سڏ ڪرايو، اُن سپاھيءَ کي.....
وڏو آواز ڪندڙ سپاھي: طوطو.... سنپالينڊڙ سپاھي.... حاضر ھو.....
(طوطو سنپالينڊڙ سپاھي اَندر اَچي ٿو.)
طوطو سنپالينڊڙ سپاھي : بادشاھ سلامت جي جئہ!
بيربل : (طوطي جي پڃري ڏانھن اِشارو ڪري) ڏسو حضور! ھن طوطي کي ڏسو.... سچ پچ تہ ھيءُ سماڌي لڳائي.... (اَڌ ۾ بند ٿو ڪري ڇڏي)
اَڪبر : بيربل! تون ڏاڍو سياڻو آھين، ڀڏيمان آھين. پر ھرھڪ ڳالھ جي بہ حد ٿيندي آھي!
بيربل : (ڪنڌ ھيٺ ڪري) گستاخي معاف حضور.
اَڪبر : بيربل! ھي طوطو سماڌي لڳائي نہ ويٺو آھي، پر مري ويو آھي.... ۽ ھاڻي اِئين نہ چئجِ، تہ اِن ڳالھ جي توکي خبر نہ ھئي....
بيربل : حضور، خبر تہ ھئي.... پر....
اَڪبر : پر ڇا؟
بيربل : اَڄ صبوح جو، جيڪو دکي ماڻھو منھنجي گھر آيو، اُھو ھيءُ سپاھي ھو. ھن کي توھان طوطو سنڀالڻ لاءِ ڏنو ھو ۽ ھن طوطي کي ڪابہ تڪليف نہ اَچي، اَھڙي تڪيداري پڻ ڪئي ھئي. اِن ئي ڊپ کان ھيءُ سپاھي توھان کي ٻڌائي نہ پيو سگھي، ڪٿي توھان.... ھن کي سزا نہ فرمايو....
طوطو سنپالينڊڙ سپاھي : ھا حضور، مون ئي بيربل صاحبن کي وينتي ڪئي، تہ مونکي بادشاھ سلامت جي غصي کان بچايو....
اَڪبر : اوھ! تہ اِھا ڳالھ ھئي! سچ پچ، بيربل! تنھنجي سياڻپ جو ڪو جواب ڪونھي!
بيربل : تہ توھان ھن سپاھيءَ کي معاف ڪَيوَ نہ؟
اَڪبر : مؤت تہ خدا جي ھٿ ۾ آھي، اِن ۾ ھن جو ڪھڙو ڏوھ بيربل؟ وڃ! اَسان توکي معاف ڪيو.
بيربل : (وڏي آواز ۾) شھنشاھ، بادشاھ اَڪبر.......
سڀدرٻاري: زندھآباد.... زندھآباد....
اَڪبر : ۽ ھوءَ عورت ڪير، بيربل؟
بيربل : حضور، ھوءَ شھيد ھيموءَ جي ماتا آھي. اُھا بہ توھان جي اِنصاف جو اِنتظار ڪري رھي آھي.
اَڪبر : سڏ ڪيو وڃي.
آواز ڪندڙ سپاھي: وير شھيد، ھيموءَ جي ماتا صاحب.... حاضر ھو.... حاضر ھو....
(ھڪ عورت اَندر اَچي ٿي، ھٿ ۾ ھڪ پراڻي تلوار اَٿس)
ھيموءَ ماءُ : بادشاھ سلامت جي جئہ ھجي! ڀڳوان توھان کي وڏي حياتي بخشي!
اَڪبر : توکي ڪھڙي تڪليف آھي اَمڙ؟
ھيموءَ ماءُ : (دکي آواز ۾) حضور، منھنجو پٽ، توھان جي سئنا جو ھڪ بھادر سپاھي ھو ۽ لڙائيءَ ۾ لڙندي-لڙندي شھيد ٿيو، ھن ملڪ مٿان پنھنجي جان قربان ڪئي. پر اَفسوس! منھنجي گھر ۾ ھينئر ڪوبہ مرد ئي نہ بچيو آھي، جيڪو اَسان جي گھر جو چرخو ھلائي! مان ڏاڍو دکي آھيان، مونکي ھڪ ننڍي نياڻي بہ آھي، گھر ۾ اَن جو داڻو بہ نہ آھي.... (روئي پوي ٿي) مون وٽ ھيءَ ھڪ تلوار آھي، ھن سان منھنجو پٽڙو لڙيو ھو. ھيءَ ڏاڍي قيمتي تلوار آھي.
اَڪبر : ڏيکار، ھيءَ تلوار مونکي ڏيکار....
(عورت تلوار سپاھيءَ کي ڏئي ٿي ۽ سپاھي اُھا اڪبر کي ڏئي ٿو)
ھيموءَ ماءُ : ھن تلوار، ڪيترن ئي دشمنن جا سِرَ، ڌڙ کان ڌار ڪيا آھن، ھن تلوار سان، اَسان جي ملڪ جا ڪيترا ئي وير-يوڌا لڙيا آھن....
اَڪبر : (تلوار کي جاچي ڪري) پر ھيءَ تہ تمام گھڻي پُراڻي تلوار آھي ۽ ڪَٽُ کاڌل آھي! ھيءَ اَسان جي ڪنھن بہ ڪم جي نہ آھي! ھيءَ تلوار، ھن کي واپس ڏني وڃي ۽ گڏ پنج مھرون ڏنيون وڃن.
(بيربل اُٿي تلوار وٺي ٿو)
بيربل : حضور جي آگيا ھجي، تہ مان ھن تلوار کي ڏسان؟
اَڪبر : ھا ھا! ڀل تون بہ جاچي ڏس!
(بيربل تلوار کي اونڌو سڌو جاچي ٿو ۽ ٿورو حيران-پريشان نظر ٿو اَچي، اِھو ڏسي اَڪبر پڇي ٿو....)
اَڪبر : ڇا ٿيو بيربل!؟
بيربل : گستاخي معاف حضور، مونکي پڪو وشواس ھو،تہ ھيءَ تلوار سون جي بڻجي پيئي ھوندي!
اَڪبر : (عجب مان) سون جي!!!
بيربل : جي ھا حضور! سون جي! ”پارس“ جيڪو ھڪ پٿر ٿيندو آھي، جنھن جي ڇھڻ سان لوھ بہ سون ٿي پوندو آھي.... جڏھن توھان جھڙو، پراُپڪاري راجا جي ھٿ لڳڻ سان پڻ ھيءَ....
(بيربل جاڻي واڻي ڳالھ اَڌ ۾ ڪٽي ڇڏي ٿو)
اَڪبر : واھ بيربل! واھ! تنھنجي ڳالھ مان سمجھي ويس! (بادشاھ حڪم ڪري ٿو) ھن عورت کي، تلوار جي وزن جيتريون، سون جون مھرون ڏنيون وڃن.
ھيموءَ ماءُ : شھنشاھ اَڪبر جي....
سڀدرٻاري: جئہ - جئہ....
(سڀني جي وات مان واھ-واھ جا آواز نڪرن ٿا)
ھيموءَ ماءُ : شھنشاھ اَڪبر، سدا سلامت ھجي، ڀڳوان توھان کي وڏي حياتي ڏئي!
اَڪبر : سوالين کي پيش ڪيو وڃي.

وزير-۱ : حضور، پڙوسي راڄ مان هڪ ودوان جي آيل آهي، پنهنجي راڄا صاحب جو فرمان کڻي آيو آهي.

اَڪبر : شاهي مان سان اُن کي پيش ڪيو وڃي.

وزير-1 : حضور جي آگيا جو پالن ٿيندو.

وڏو آواز ڪندڙ سپاهي : پڙوسي راڄ مان آيل.... ودوان جي.... حاضر هو.... حاضر هو....

(هڪ ودوان نظر ايندڙ ماڻهوءَ کي، دربار جا ٻه سپاهي گهڻي عزت سان اَندر وٺي اَچن ٿا)

اَڪبر : اَڪبر جي دربار ۾ توهان جو سواگت آهي!

ودوان : حضوري آلا، شهنشاهه اَڪبر سدا سلامت هجي. منهنجو نمسڪار سويڪار ڪريو.

اَڪبر : ٻڌايو، اَسان توهان جي ڪهڙي سيوا ڪري سگهون ٿا؟

ودوان : اَسان جي راڄا صاحب، مونکي توهان وٽ ٽن سوالن جا جواب وٺڻ لاءِ موڪليو آهي....

اَڪبر : سوال پيش ڪيا وڃن.

ودوان : راڄا صاحب هڪڙو شرط فرمايو آهي ته، سوالن جا صحيح جواب ڏيو، يا پنهنجي ودوانن جي هار قبول ڪريو.

اَڪبر : توهان جي سوالن جا صحيح جواب توهان کي ملي ويندا. سوال پيش ڪيا وڃن.

ودوان : پهريون سوال آهي، ڌرتيءَ جو مرڪز ڪٿي آهي؟ ٻيون سوال، سڄيءَ دنيا جي آدمشماري ڪيتري آهي؟ ۽ ٽيون سوال آهي، ته آڪاش ۾ تارا ڪيترا؟

(ودوان سوال پڇي ويهي رهي ٿو ۽ سڄيءَ دربار ۾ ڪاناڦوسي شروع ٿي وڃي ٿي، سڀ هڪ ٻئي ڏانهن سواليءَ نظرن سان ڏسن ٿا ۽ پاڻ ۾ سُس پُس ڪن ٿا. بيربل پنهنجي آسن تان اُٿي ٿو ۽ قدم کڻندو، ودوان جي پرسان اَچي بيهي ٿو....)

بيربل : ڌرتيءَ جو مرڪز ڪٿي آهي؟ توهان کي اِهو ڄاڻڻو آهي نه؟

ودوان : جي ها، ڌرتيءَ جو مرڪز ڪٿي آهي؟

(بيربل ٿي قدم پنيان هٽي ٿو ۽ پير جي آڱوٺي ڏانهن اِشارو ڪندي چوي ٿو)

بيربل : هاڻ، جت مان بيٺو آهيان، جتي منهنجي پير جو آڱوٺو آهي، اُتي ئي ڌرتيءَ جو مرڪز آهي. توهان کي وشواس نه اَچي ته چئني دشائن کان ماپي سگهو ٿا.

(بيربل جو جواب ٻڌي ودوان، ويچارن ۾ پئجي وڃي ٿو.)

بيربل : توهان جو ٻيون سوال؟....

ودوان : سڄيءَ دنيا جي آدمشماري ڪيتري آهي؟

بيربل : سپاهي.... (رڙ ڪري هڪ سپاهيءَ کي سڏي ٿو....)

سپاهي : جي حضور....

بيربل : هڪ رِڍَ کي دربار ۾ کڻي اچ.

سپاهي : جي حضور....

(سڄي دربار ۾ ويٺل ماڻهو عجب وچان هڪ ٻئي سان ڳالهائن ٿا ته بيربل رڍ کي ڇو گهرايو آهي! ڪجهه دير ۾ ئي سپاهي هڪ رڍ کي پڪڙي اَندر اَچي ٿو.)

سپاهي : حضور، رڍ حاضر آهي....

بيربل : ودوان جي! توهان جي ٻئي سوال جو جواب هيءَ آهي! هن رڍ جي سرير تي جيترا وار آهن، ايتري ئي دنيا جي آدمشماري آهي! توهان خود ڳڻي سگهو ٿا.

(ودوان هڪ دفعو وري اَچرج ۾ پئجي وڃي ٿو)

بيربل : (ساڳئي سپاهيءَ کي سڏ ڪندي) سپاهي....! اَسان جي اَناج جي گدام ۾، رائيءَ جي داڻن جو ڀريل هڪ وڏو ٿالهه رکيل آهي، جلد اُهو هت آندو وڃي....

(۽ سپاهيءَ جي ڪن ۾ ڪجهه ڀڻ-ڀڻ ڪريس ٿو)

(سپاهي وڃي ٿو ۽ جلد ئي هڪ ٿالهه، جيڪو رائيءَ سان ڀريل آهي، کڻي اَچي ٿو.)

سپاهي : ٿالهه حاضر آهي، وزيري آلا....

بيربل : ودوان جي! توهان جو ٽيون سوال آهي ته....

ودوان : آڪاش ۾ ڪيترا تارا آهن؟

بيربل : اَسان آڪاش ۾ تارا ڳڻيندا وياسين ۽ اوترا ئي رائيءَ جا داڻا هن ٿالهه ۾ رکندا وياسين. توهان کي اَنداز ڄاڻڻو هجي ته هن ٿالهه ۾ رکيل هي داڻا ڳڻي وٺجو.

(سڀ گڏجي بيربل جي واهه-واهه ڪن ٿا ۽ ويچارو ودوان وائڙو ٿي، ڪڏهن بيربل ڏانهن ته ڪڏهن رائي جي ٿالهه ڏانهن نهاري ٿو.)

سڀ گڏجي:واهه بيربل.... واهه! واهه!

ودوان : (اونهو ساهه کڻي چوي ٿو) سچ پڇ! بيربل مهان آهي! ٻڌيمان آهي! سياڻو آهي!

اَڪبر : واهه بيربل! واهه! تون اَسان جي دربار جو شان آهين.... توکي اِن ڳالهه جو اِنعام ڏنو ويندو. (هڪ وزير ڏانهن نهاري حڪم ڪري ٿو) بيربل کي هڪ هزار مهرون اِنعام ڏنيون وڃن....

وزير-1 : حضور جي آگيا جو پالن ٿيندو....

بيربل : (خوشيءَ مان) شهنشاهه اَڪبر جي جئه هجي.

(۽ سڀ درباري به بيربل جي پنيان جئه چون ٿا.)

وزير-1 : حضور! ڪاشي راجيه مان، هڪ سنت مهاتما جي آيل آهن.
اَڪبر : شاهي مان سان اُن کي آندو وڃي.
وزير-1 : حضور جي آگيا جو پالن ٿيندو.
وڏو آواز ڪندڙ سپاهي : ڪاشي مان پڌاريل، سنت مهاتما جي حاضر هو.... حاضر هو....
سنت : شهنشاهه بادشاهه اَڪبر کي نمسڪار!
اَڪبر : توهان جو سواگت آهي!
سنت : بادشاهه صاحب، مون سڄيءَ دنيا ۾ توهان جو نالو ٻڌو آهي، توهان جي واهه واهه ٻڌي آهي! توهان وٽ هر سوال جو جواب آهيءَ هر مشڪلات جو حل آهي!
اَڪبر : بلڪل صحيح ٻڌو آهي توهان.... منهنجي دربار ۾ هيءُ، ٻڌيمان ۽ سياڻا وزير آهن، هي دربار جا نَوَ رتن آهن. اَڪبر جي دربار جي سونهن آهن! مونکي اِنهن جي گيان تي ناز آهي! توهان جي هر مشڪل جو هتي حل ملندو.
سنت : منهنجي من ۾ صرف ٻه سوال آهن....
اَڪبر : توهان جي هر سوال جو سنتوشڪارڪ جواب ملندو. سوال پڇو....
سنت : دنيا ۾ اَهڙي ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن کي سڀ ڏسي سگهن ٿا پر سج ۽ چنڊ اُن کي نٿا ڏسي سگهن؟
بيربل : حضور جي آگيا هجي، ته مان اِن جو جواب ٻڌايان؟
اَڪبر : ٻڌاءِ بيربل....
بيربل : جهان پناهه، سڄيءَ دنيا ۾ صرف اَنڌڪار ئي هڪ اَهڙي شيءِ آهي، جنهن کي ٻيا سڀ ڏسي سگهن ٿا پر سج ۽ چنڊ، اَنڌڪار کي ڏسي نٿا سگهن.
سنت : واهه!.... واهه! بلڪل صحيح بيربل....
اَڪبر : توهان جو ٻيو سوال؟
سنت : ستيه ۽ اَستيه يعني سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ ڪيترو مفاصلو آهي؟
بيربل : جهان پناهه، جيترو مفاصلو اَک ۽ ڪنن جي وچ ۾ آهي، ايترو ئي مفاصلو سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ آهي.
سنت : اِهو وري ڪيئن؟
بيربل : ڳالهه سوَلي آهي. اَکيون جيڪو ڏسن، اُهو سچ! ۽ صرف ڪنن دوارا ٻڌل اُهو ڪوڙ!
سنت : بلڪل صحيح....
اَڪبر : ته توهان هن جي جوابن سان سهمت آهيو؟
سنت : بلاشڪ! بادشاهه سلامت، مان هن جي ٻنهي جوابن سان سهمت آهيان.
اَڪبر : هي اَسان جي دربار جو بيشقيمتي رتن آهي.هي آهي بيربل....
سنت : بيربل! واهه بيربل واهه! سچ پچ تون ڏاڍو سياڻو آهين. تنهنجي ٻُڌي تمام گهڻي تيز آهي. تو مٿان پربوءَ جي سدائين ڪرپا رهندي.
بيربل : شهنشاهه اَڪبر جي.... (وڏي آواز ۾ چئي ٿو)
سڀ درٻاري: (زور سان) جئه.... جئه....
اَڪبر : بيربل هڪ ڳالهه ته ٻڌ....
بيربل : حڪم ڪريو جهان پناهه....
اَڪبر : بيربل، رات مون هڪ عجيب سپنو ڏٺو!
بيربل : عجيب سپنو!
اَڪبر : ها! سپني ۾ مون ڏٺو، ته اَسان ٻئي گڏجي شڪار ڪرڻ هليا آهيون.... هلندي هلندي، اَسان ٻئي اَڪيلا رهجي وڃون ٿا. گڏ جيڪي سپاهي هئا، اُهي سڀ پنيان رهجي وڃن ٿا. اَچانڪ! رستي جي وچ ۾ ٻه کڏا اَچن ٿا ۽ اَسان ٻئي گهوڙن تان، کڏن ۾ ڪري پئون ٿا....
سڀ درٻاري: (عجب ۾) اوهه....!
اَڪبر : مان وڃي ماکيءَ جي کڏي ۾ ڪران ٿو ۽ تون وڃي گپ ۾ ڪرين ٿو....
(سڀ درٻاري زور-زور سان ٽهڪ ڏين ٿا، اَڪبر به ٽهڪ ڏئي ٿو، ڪجهه وقت ۾ شانت ٿيڻ ڪانپوءِ....)
بيربل : بلڪل.... بادشاهه.... بلڪل.... مون به اِهو ئي سپنو ڏٺو....
(سڀ درٻاري وري وڏيڪ زور سان کلن ٿا ۽ چون ٿا ته بيربل گپ ۾ ڪري پيو....)
بيربل : پر.... بادشاهه سلامت، مون ته اِن کان به اَڳا اَڳيان سپنو ڏٺو....
اَڪبر : (کلندي) ڇا ڏٺئه.... اڳيان....
بيربل : مون ڏٺو ته اَسان ٻئي کڏن مان ٻاهر نڪرون ٿا، مان توهان کي چٽڻ شروع ڪريان ٿو.... ۽.... توهان.... وري مونکي چٽيو ٿا....
(سڄي دربار زور سان کلي ٿي- اَڪبر شرمائجي وڃي ٿو- پڙدو ڪري ٿو).